از: شيخِ طريقت، امير اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه


رسالو نمبر 62

تخريج شده

# ڪارا وڇون


لاش ڪڍڻ جي لاءِ قبر کوٽڻ ڪيئن آهي؟ ........ 2

ڏاڙهي ڪوڙائي جيئن ئي غسل خاني ۾ داخل ٿيو ..3

مرڻ کان پوءِ وارو هوش وڃائيندڙ منظر ........ 4

ڏاڙهي ڪوڙائيندي ئي موت ........ 9

ڏاڙهي ڪوڙڻ وارن سان آقا ﷺ جي نفرت جو عبرتناڪ واقعو 10



پيشڪش: مجلس مڪتبة المدينه (دعوت اسلامي)

مڪتبة المدينه

فيضانِ مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي، باب المدينه، ڪراچي پاڪستان، فون: 4921389-95/412699 فيڪس: 4125858

Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪاراوچون

شيطان ڪيتري ـ سستي ڏياري پر ھي رسالو مڪمل پڙھي وٺو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توھان پنھنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندؤ.

## درود شريف جي فضيلت

**سرڪارِ** مدينه، راحتِ قلب و سينه، صاحبِ معطر پسينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اي انسانو!بيشڪ قيامت جي ڏينھن ان جي دھشتن ۽ حساب ڪتاب ڪان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو اھو شخص ھوندو جنھن توھان مان مون تي دنيا جي اندر ڪثرت سان **درود شريف** پڙھيا ھوندا.“

(فردوس الاخبار ج5 ص375، حديث 8210 دارالڪتاب العربي بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

چون ٿا: ڪوئٽہ جي ويجھو ھڪ ڳوٺ ۾ ڪنھن ”**ڪلين شيو**“ نوجوان جو لاوارث لاش مليو. ضروري ڪارروائيءَ کان پوءِ ماڻھن مِلي جُلي ڪري ان کي دفنائي ڇڏيو. ايتري ۾ مرحوم جا وارث ڳولھيندي اتي اچي پھتا ۽ انھن ماڻھن جي سامھون پنھنجي ھن خواھش جو اظھار ڪيو تہ اسان پنھنجي

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

انهيءَ رشتيدار جي قبر پنهنجي ڳوٺ ۾ ٺاهڻ چاهيون ٿا. پوءِ قبر کوٽي وئي ۽ مٽي ڪيندا رهيا جڏهن ڇهري جي پاسي کان سر هٽائي وئي ته اهو ڏسي ڪري ماڻهن جون رڙيون نڪري ويون جو هينئر جنهن نوجوان کي دفن ڪيو هو ان جي ڇهري تي ڪاري ڏاڙهي نهيل آهي ۽ اها ڏاڙهي ڪارن وارن جي نه بلڪ ”**ڪارن وڇوئن**“ جي آهي. اهو خوفناڪ منظر ڏسي ڪري ماڻهو اِسۡتِغفار پڙهڻ لڳا ۽ جيئن تيئن قبر بند ڪري ڊپ وچان موٽي ويا.

## لاش ڪڍڻ جي لاءِ قبر کوٽڻ ڪيئن آهي؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪوئٽه واري واقعي ۾ لاش ڪڍي وڃڻ جي لاءِ قبر کوٽڻ جو تذڪرو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هتي هي ضروري مسئلو ذهن نشين فرمايو، بغير شرعي اجازت جي قبر کوٽڻ **حرام** آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت **امام احمد رضا خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا :”قبر کوٽڻ حرام، حرام، سخت حرام ۽ ميّت جي اشد توهين وهَتَڪِ سِرِ **رب العلمين** (يعني **الله تعالىٰ** جي راز جي توهين) آهي.“ **(فتاوىٰ رضويه ج 9 ص 405)**

## ڏاڙهي ڪوڙائي جيئن ئي غسل خاني ۾ داخل ٿيو.....!

**هڪ ڀيري** سگِ مدينه عُفِيَ عَنۡهُ (راقم الحروف) جي سنّتن ڀرئي بيان ۾ اهو ئي ذڪر ڪيل واقعو ٻُڌي ڪري (بابُ المدينه

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.(جامع صغير)**

ڪراچي) جي هڪ نوجوان خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي سبب چهري تي ڏاڙهي سجائي ورتي، پر گهر وارا منع ڪندا رهيا ۽ شاديءَ جي لالچ ۾ اچي ڪري ان به ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏي. پر **ڪارن وڇوئن** وارو واقعو ان جي ذهن مان نه هٽندو هو. جڏهن ڏاڙهي ڪوڙائڻ ڪان پوءِ هو غسل خاني ۾ داخل ٿيو ته اهو ڏسي ڏڪ وچان ان کي ڪِهڪهي پئجي ويئي جو اتي هڪ خوفناڪ **ڪارو جيت** گهمي رهيو هو. اهو ڏسي ڪري ان انهيءَ وقت ڏاڙهي ڪوڙائڻ کان توبهه ڪئي ۽ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بيهر ڏاڙهي وڌائڻ شروع ڪري ڇڏيائين.

## ڏاڙهين ڪي وڌايو

**محبتِ رسول** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي دعويٰ ڪرڻ وارؤ! الله** عَزَّوَجَلَّ جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان هرهر پڙهو: ”مڇون خوب پست (يعني ننڍيون) ڪريو ۽ ڏاڙهين کي مُعافي ڏيو (يعني وڌايو) ۽ يهودين جهڙي صورت نه بڻايو .“

(شرح معاني الآثار ، للطحاوي ج 4 ص 28 دار الكتب العلمية بيروت)

## مرڻ ڪان پوءِ وارو هوش وڃائيندڙ منظر

**اي غافل اسلامي ڀاءَ!** ٿورو هوش ڪر!! مرڻ ڪان پوءِ تنهنجي هڪ به نه هلندي، **تنهنجا ناز ۽ نخرا سڀ** وارا تنهنجا ڪپڙا به لاهيندا. تون ڪيڏو ئي وڏو سرمائيدار ڇو نه هجين، پر توکي اهو ئي **باڦتي وارو ڪفن** پارائيندا جيڪو فٽ پاٿ تي مري وڃڻ واري لاوارث کي پارايو ويندو آهي. جيڪڏهن

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)**

تنهنجي ڪار آهي تہ اها بہ گيريج ۾ رهجي ويندي. تنهنجا قيمتي ڪپڙا صندوق ۾ پيل ئي رهجي ويندا. تنهنجي مال ۽ متاع ۽ رت پگهر جي ڪمائيءَ تي وارث قبضو ڪري ڇڏيندا. ”**ويجها مائٽ**“ ڳوڙها ڳاڙي روئي رهيا هوندا. ”**ڏاريا**“ خوشيون ملهائي رهيا هوندا. تنهنجا ناز ۽ نخرا سهڻ وارا توکي پنهنجي ڪلهن تي کڻي هلندا ۽ هڪ اهڙي ويرانيءَ ۾ ڪڻي ايندا جو تون ڪڏهن بہ انهيءَ خوفناڪ خاموشيءَ ۾ خاص طور تي رات جي وقت هڪ گهڙي بہ اڪيلو نہ آيو هوندين، نہ ئي اچي سگهندو هئين بلڪ انهيءَ جي تصوُّر سان ئي ڏڪي ويندو هئين. پوءِ ڪڏو ڪوٺي ڪري توکي **مڻ مٽيءَ هيٺ** دفن ڪري تنهنجا سيئي مٽ مائٽ هليا ويندا. تو وٽ هڪ رات تہ ڇا، پر هڪ ڪلاڪ بہ ترسڻ جي لاءِ ڪو راضي نہ هوندو. توڙي تنهنجو **لاڏلو پٽ** ئي ڇو نہ هجي، اهو بہ هليو ويندو. پوءِ ان سوڙهي ۽ اونداهي **قبر** ۾ نہ ڄاڻ ڪيترا هزار سال تنهنجو رهڻ ٿيندو. تون حيران ۽ پريشان ٿيندين، اداسي ڇانيل هوندئي، **قبر** جون پٽيون پاڻ ۾ ملي توکي چيپاٽي رهيون هونديون، تون رڙيون ڪري رهيو هوندين، حسرت ڀريُن نگاهن سان مٽن مائٽن کي نگاهن کان غائب ٿيندي ڏسي رهيو هوندين، دل بيقرار ٿي رهي هوندي. ايتري ۾ قبر جون ڀِتيون لڏڻ شروع ٿينديون ۽ ڏسندي ئي ڏسندي بہ **خوفناڪ شڪلن وارا فرشتا**

(منڪر ۽ نڪير) پنهنجي ڊگهن ڊگهن ڏندن سان **قبر** جي پٽين کي چيريندي تنهنجي سامهون اچي حاضر ٿيندا، انهن جي اکين مان باهه جا شعلا نڪري رهيا هوندا، ڪارا ڪارا هيبتناڪ وار مٿي کان پيرن تائين لڙڪي رهيا هوندا، توکي ڇڙٻ ڏئي اٿاري ويهاريندا. نهايت ئي سخت لهجي ۾ هن طرح سوال ڪندا: "مَنْ رَّبُّكَ؟" (يعني تنهنجو رب عَزَّوَجَلَّ ڪير آهي) "مَا دِيْنُكَ؟" (يعني تنهنجو دين ڪهڙو آهي) ايتري ۾ تنهنجي ۽ مديني جي وچ ۾ جيترا پردا رڪاوٽ بڻيل هوندا، سيئي ڪٽايا ويندا ڪنهن جي من موهيندڙ، دلربا ۽ پياري پياري صورت سامهون اچي ويندي. يا اها عظيم ۽ پياري هستي پاڻ تشريف فرما ٿيندي. ڇا عجب! تنهنجون اکيون شرم وچان جهڪي وڃن. تي سگهي ٿو ته تون سوچ ۾ پئجي وڃين ته نگاهون ڪٿان ته ڪيئن ڪٽان! پنهنجي بگڙيل صورت ڏيکاريان ته ڪيئن ڏيکاريان! هي ته اهي ئي **منهنجا آقا** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن جن جو آءُ ڪلمو پڙهندو هئس. پنهنجو پاڻ کي سندن جو غلام به چوندو هيس. پر مون هي ڇا ڪيو! مني مني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ته اهو فرمايو: "**ڏاڙهي وڌايو، مڇون خوب پست (يعني ننڍيون ڪريو) ۽ ڏاڙهين کي معافي ڏيو (يعني وڌايو) ۽ يهودين جهڙي صورت نه بڻايو.**" پر هاءِ منهنجي بدبختي! مان عارضي دنيا جي سينگار ۾ غافل ٿي ويس. **فيشن** منهنجي ستيا ناس ڪري ڇڏي. سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سختيءَ

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

سان منع ڪرڻ جي باوجود مون چهرو يهودين يعني مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمنن جهڙو ئي بڻايو. **هاءِ!** هاڻي ڇا ٿيندو؟ ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجي بگڙيل شڪل ڏسي **سرڪارِ عالي وقار** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چهرو مبارڪ ڦيري ڇڏين ۽ هي فرمائين، ”**هي نه منهنجي دشمنن وارو چهرو آهي منهنجي غلامن وارو ناهي!!**“ جيڪڏهن خدا نه ڪري ائين ٿيو ته سوچ ان وقت توتي ڇا گذرندو.

نہ اُٹھ سکے گا قیامت تلک خدا کی قسم
اگر نبی نے نظر سے گرا کے چھوڑ دیا

**ائين** نه ٿيندو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن به نه ٿيندو، اجان ته تون زنده آهين، مڃي وٺ! پنهنجي ڪمزور بدن تي ترس کاءُ! جلدي همت ڪر! انگريزي فيشن، فرنگي تهذيب کي ٽي طلاقون ڏئي ڇڏ ۽ پنهنجو چهرو مٺي مٺي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پاڪيزه سنّت سان سنواري ڇڏ ۽ **هڪ مٺ ڏاڙهي** سينگاري ڇڏ . ڪڏهن به شيطان جي هن چڪر ۾ نه اچ ۽ انهن وسوسن ڏانهن توجهه ئي نه آڻ،جو”**هينئر ته آءُ ان قابل ناهيان ٿيو، منهنجي ته عمر ئي کهڙي آهي؟ منهنجو علم به ايترو ڪٿي آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن دين جي باري ۾ سوال ڪيو ته مون کي جواب نه ايندو آءُ ته جڏهن قابل ٿي ويندس ان ئي وقت ڏاڙهي رکندس.**“ياد رک! اهو شيطان جو ڪامياب ترين وار آهي جو انسان پنهنجي باري ۾

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي-** (ابو يعلىٰ)

هي سمجهي ويهي تہ ”**ها، هاڻي آءُ قابل ٿي ويو آهيان.**“ ياد رکو! پنهنجو پاڻ کي قابل سمجهڻ اهو ئي ناقابِليَّت جو سڀ کان وڏو دليل آهي. عاجزي اختيار ڪر! وڏا وڏا علماءِ ڪرام بہ هر سوال جو جواب ناهن ڏيندا تہ چا هر سوال جي جواب ڏيڻ جو تو ٺيڪو ڪنيو آهي؟ نفس جي دوکي ۾ نہ اچ! ۽ مجي وٺ. توڙي ماءُ روڪي، پيءُ منع ڪري، معاشرو رنڊڪ وجهي،شاديءَ ۾رڪاوٽ بڻجي. ڪجهہ بہ ٿي پوي **اللہ** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري **رسول** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جوحڪم مڃڻو ئي پوندو . **تسلي رک!** جيڪڏهن جوڙو لوحِ محفوظ ۾ لکيل آهي تہ تنهنجي **شادي** ضرور ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن ناهي لکيل تہ دنيا جي ڪا بہ طاقت تنهنجي **شادي** نہ ٿي ڪرائي سگهي. زندگيءَ تي ڪهڙو ڀروسو؟

## ڏاڙهي ڪوڙائيندي ئي موت

ڪنهن سگِ مدينه (راقم الحروف) کي ڪجهہ هن طرح جو واقعو ٻُڌايو هو تہ **بنگلاديش** ۾ هڪ نوجوان ڏاڙهي رکي هئي، جڏهن ان جي **شاديءَ** جو وقت ويجهو آيو تہ سندس پيءُ ماءُ **ڏاڙهي** ڪوڙائڻ تي ڪيس ڏاڍو مجبور ڪيو. بي دليو حجم وٽ وڃي **ڏاڙهي** ڪوڙائي گهر ڏانهن ايندي جڏهن روڊ پار ڪري رهيو هو تہ ڪنهن تيز رفتار گاڏيءَ ڪيس چيپاٽي ڇڏيو، سندس دم نڪري ويو ۽ ان جي **شاديءَ** جا ارمان خاڪ ۾ ملي ويا. ماءُ پيءُ ڪهڙي ڪم آيا؟ نہ **شادي** ٿي نہ **ڏاڙهي** رهي. تہ **پيارا**

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو-** (طبراني)

**اسلامي ڀائرو!** هوش ۾ اچو! **الله** عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ڪري اڄ کان عهد ڪريو تہ هاڻي تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت۾ سِسي تہ ڪٽجي سگهي ٿي پر منهنجي ڏاڙهي هاڻي دنيا جي ڪابہ طاقت مون کان جدا نہ ٿي ڪرائي سگهي. شاباس..... مبارڪ ...... مبارڪ.....مبارڪ .

## ڏاڙهي ڪوڙڻ وارن سان آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَسَلَّم جي نفرت جو عبرتناڪ واقعو

سگِ ايران خُسرو (پرويز) وٽ حضرتِ سَيِّدُنا **عبدالله** بن حُذافہ رَضِيَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي هٿان **سرڪارِ مدينه** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نيڪيءَ جي دعوت تي مشتمل خط مبارڪ پهتو تہ ان ظالم ۽ گستاخ خط مبارڪ کي ڏسندي ئي ڪاوڙ مان شهيد ڪري ڇڏيو ۽ ان بدزبان بڪڻ شروع ڪيو (.......پرويز جو اهو بي ادبيءَ وارو جملو لکڻ جي همت ناهي، تنهن ڪري ڪٽيو وڃي ٿو......) ان کان پوءِ سگِ ايران خُسرو (پرويز) **باذان** کي جيڪو **يمن** ۾ ان جو گورنر هيو ۽ **عرب** جا سيئي ملڪ ان جي حڪمرانيءَ هيٺ سمجهيا ويندا هئا. اهو حڪم موڪليو تہ .... (هتي بہ سگِ ايران پرويز جي بڪواس کي ڪٽيو وڃي ٿو) **باذان** هڪ فوجي دستو تيار ڪيو، جنهن جي آفيسر جو نالو **خرخسره** هيو، ۽ پڻ **سرڪارِ مدينــہ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اثر رسوخ تي گهري نظر رکڻ جي لاءِ

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

هڪ ملڪي آفيسر به ان سان گڏ موڪليو، جنهن جو نالو **بانويه** هيو. اهي ٻئي آفيسر جنهن وقت **سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ بيڪس پناهه ۾ پيش ڪيا ويا ته نُبُوَّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رعب وچان انهن جي ڪنڌ جون رڳون ٿڙڪي رهيون هيون. **اهي ماٺهو جيئن ته آتش پرست** (يعني باهه جا پوڄاري) **پارسي هئا. ان لاءِ** (انهن جون) **ڏاڙهيون ڪوڙيل هيون** ۽ **مڇون ابتريڪدر وڌيل هيون جو انهن جا چپ ڍڪيل هئا** ۽ پنهنجي بادشاهه پرويز کي "رب" چوندا هئا. انهن جا چهرا ڏسي ڪري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تڪليف پهتي، ڪراهت سان فرمايائون: "**توهان جي بربادي** ٿئي جو اهڙي صورت ٺاهڻ جو توهان کي ڪنهن چيو آهي؟" انهن جواب ڏنو، "اسان جي رب پرويز." **پياري آقا** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "**پر منهنجي رب** عَزَّوَجَلَّ **ته مون کي هي حڪم ڏنو آهي ته ڏاڙهي وڌايان ۽ مڇون ڪترايان.**"

(مدارج نبوت ج2 ص 224،225 مرڪز برڪاتِ رضا ، هند ، فتاويٰ رضويه ج 22 ص 647)

## قيامت جو دل ڏڪائيندڙ منظر

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن واقعي تي غور فرمايو! سمجهه ۾ نه آيو هجي ته ٻيهر پڙهو، خوب غور ڪريو! ته اهڙا شخص جيڪي اجان ڪافر آهن مسلمان ناهن ٿيا.شريعت جي حڪم کان ناواقف به آهن ۽ مُڪلَّف (يعني تڪليف ڏيندڙ) به ناهن .

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

پر جيئن تہ انهن فطري بناوت سان زيادتي ڪئي، چهري جي قدرتي حسن کي ختم ڪيو. **سرڪارِ عالي وقار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طبيعت مبارڪ کي انهن جو اهو (يعني ڏاڙهي ڪوڙائڻ وارو) فعل انتهائي ڏکائيندڙ لڳو ۽ **رحمة للعلمين** هجڻ جي باوجود فرمايائون: ”**توهان جي بربادي ٿئي**.“ **ٿورو سوچيو!** غور ڪريو! جڏهن قيامت جي ميدان ۾ سڀ گڏ ٿيندا، نفسي نفسي جو عالم هوندو، ماءُ پٽ کان ۽ پٽ پيءُ کان ڀڄي رهيو هوندو. ان وقت هڪ ئي تہ **پاڪ ذات** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هوندي جيڪا گناهگارن جي اميد گاهه هوندي. انهيءَ **سرڪارِ نامدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ اقدس ۾ سيني کي حاضري ڏيڻي پوندي. **ياد رکو! جيڪو جنهن حال ۾ مرندو، انهيءَ حال ۾ قيامت جي ڏينهن اٿاريو ويندو. ڏاڙهيءَ وارو، ڏاڙهيءَ سان اٿندو ۽ ڏاڙهي ڪوڙ، ڏاڙهي ڪوڙيل ئي اٿندو.**

**اي محبوب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي سنت کي پائمال ڪرڻ وارؤ!** جيڪڏهن پياري سرڪار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان سان استفسار فرمائي ورتو: ”**ڇا توهان مون سان محبت ڪندا رهيا آهيو؟**“ ظاهر آهي انڪار ڪري ئي نہ ٿا سگهون، اهو ئي عرض ڪندؤ: **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان ئي اسان جا سڀ ڪجهه آهيو، اسين اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ماءُ پيءُ، مال، اولاد سيني کان وڌيڪ پيارو سمجهندا آهيون.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

**يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسين ته دنيا ۾ جهومي جهومي عرض ڪندا هئاسين.

مرے تو آپ ہی سب کچھ ہیں رحمتِ عالَم!
میں جی رہا ہوں زمانے میں آپ ہی کے لئے

**حضور** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان جي محبت جو حال ته اهو هو جو بي قرار ٿي عرض گذار ٿيندا هئاسين.

غلامِ مصطفٰی بن کر میں بِک جاؤں مدینے میں
محمد نام پر سودا سرِ بازار ہو جائے!

پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جڏهن محبت اجان وڏيڪ جذبو ڏياريندي هئي ته هي به چوندا هئاسين.

جان بھی میں تو دے دوں خدا کی قسم!
کوئی مانگے اگر مصطفٰے کے لئے!

اهو سڀ ڪجهه ٻُڌي ڪري (**الله** عَزَّوَجَلَّ نه ڪري) جو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرض ڪريو هي ارشاد فرمائن: " اي منهنجا غلامو! جيڪڏهن واقعي توهان مون کي ماءُ، پيءُ ۽ مال ۽ اولاد سيني کان وڌيڪ پيارو سمجهندا هيؤ ۽ رڳو منهنجي ئي خاطر دنيا ۾ زنده هيؤ، ۽ پڻ منهنجي نالي تي ڪپڻ بلڪ جان ڏيڻ لاءِ تيار هيؤ ته پوءِ **آخر ڪهڙو سبب هيو جو شڪل** ۽

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي جمعه جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

**صورت منهنجي دشمنن جهڙي بڻائي ڦرندا هيؤ؟** ڇا توهان تائين منهنجا هي ارشاد نه پهتا هئا:

﴿1﴾ ”مُڇون خوب پست (يعني ننڍيون) ڪريو ۽ ڏاڙهين کي مُعافي ڏيو (يعني وڌايو) ۽ يهودين جهڙي صورت نه بڻايو.“ (شرح معاني الآثار، للطحاوي ج 4 ص 28 دار الكتب العلمية بيروت)

﴿2﴾ ”جيڪو منهنجي سنّت اختيار ڪري،اهو منهنجو ۽ جيڪو منهنجي سنّت کان منهن موڙي، اهو منهنجو ناهي.“

(كنزالعمال ج 8 ص 116 رقم 22749 دارالكتب العلمية بيروت)

﴿3﴾ ”جيڪو منهنجي سنّت تي عمل نه ڪري، اهو مون مان ناهي.“ (سنن ابن ماجه ج 2 ص 406 حديث 1846 دار المعرفة بيروت)

## جيڪڏهن آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رسي ويا ته.......!

**فيشن تي قربان ٿيڻ وارؤ!** اهي مبارڪ ارشادات ياد ڏيارڻ کان پوءِ جيڪڏهن خدا نه ڪري اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رُسي ويا ته توهان ڇا ڪندؤ؟ ڪنهن جي دروازي تي فرياد ڪندؤ؟ڪنهن جي دروازي تي **شفاعت** جي خيرات گهرندؤ؟ ڪير **الله** عَزَّوَجَلَّ جي قهر ۽ غضب کان بچائڻ وارو هوندو؟ اڃان موقعو آهي، جيستائين ساهه باقي آهي، وقت آهي، جهٽ پٽ توبهه ڪري وٺو، پنهنجي چهري کي پياري پياري ۽ مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي **مٺي مٺي سنّت** سان سنواري ڇڏيو، پنهنجي چهري تي **محبت جي نشاني** سينگاري

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ (200) سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (ڪنزالعمال)

ڇڏيو. اها خوشفهمي ختم ڪري ڇڏيو. جو اجان ته عمر ئي ڪهڙي آهي؟پوءِ رکي وٺنداسين، **شاديءَ** کان پوءِ ڏنو ويندو! **سادا سودا اسلامي ڀائرو!** شيطان جي چڪر ۾ نه اچو! هو ڪيترو ئي ويجهي عزيز يا دوست جي زباني توهان کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري ته هينئر تنهنجي عمر **ڏاڙهي** رکڻ جيتري ناهي،پوءِ رکجانءِ. اهو شيطان جو بدترين ڪامياب حملو آهي. انهيءَ حملي سان اُن مردود نه ڄاڻ ڪيترن کي برباد ڪري ڇڏيو. **اچو! توهان کي هڪ عبرتناڪ واقعو ٻُڌايان ٿو.**

## مرڻ کان پهريان شامت

**هڪ** نوجوان جيڪو لڳ ڀڳ سجو سال "**دعوتِ اسلامي**" جي سنّتن ڀرئي مدني ماحول سان وابسته رهيو ۽ ڏاڙهي به سجائي ڇڏيائين. پوءِ خبر ناهي ڇا ٿي ويس! شايد ڪيس خراب دوست ملي ويا. مَعاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڏاڙهي صاف ڪرائي ڇڏيائين. جمعرات جو باب المدينه ڪراچي ۾ ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ غير حاضر رهيو. جمعي جي ڏينهن دوستن سان گڏ باب المدينه (ڪراچي) جي مشهور تفريح گاهه "**هاڪس بي**" جي سامونڊي ڪناري تي سير ۽ تفريح ڪرڻ لاءِ هليو ويو، پر **افسوس!** ويچارو پاڻيءَ جي ڇولين ۾ ٻُڏي ڪري موت جو شڪار ٿي ويو.

ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے — مکیں ہوگئے لامکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے — زمیں کھاگئی نوجواں کیسے کیسے!

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ هو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب وترهيب)

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

## فيشن پرستن جي صحبت توبهه توبهه!

**ان** مرحوم نوجوان جي عمر اٽڪل 20 سال ٿيندي. ڪهڙي عمر هئي! شايد **ڏاڙهي** رکڻ جي اجان عمر نه ٿي هئي! ڪٿي انهيءَ ڪري ته نه جو ان انتقال کان رُڳو پندرهن ڏينهن اڳ پنهنجي **ڏاڙهي** صاف ڪرائي ڇڏي! نه ڪڏهن به نه. بس ويچاري جو نصيب! بُري صحبت جو اثر! **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي بخشش ڪري. اهو ٻُڌڻ وارو نوجوان اسان سڀني کي سمجهائڻ جي لاءِ گهڻو ڪجهه عبرت جو سامان ڇڏي ويو! جيڪو به **دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول** کان پري ٿيڻ جو خيال ڪري يا سير ۽ تفريح جي شوقينن سان دوستيءَ جو رشتو جوڙي، ان کي گهرجي ته انهيءَ **عبرتناڪ واقعي** تي چڱيءَ طرح غور ڪري وٺي جو ڪٿي آءُ به بين جي لاءِ عبرت جو سامان نه بڻجي وڃان! ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجا اهي فيشن پرست دوست پاڻ ته (ناجائز ڪمن ۾) قاتل آهن پر پوءِ مون کي به نه ڦاسائن! ۽ غور ڪريو جو ڪٿي ائين ته ناهي جو منهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ وارا آهن ۽ انهيءَ ڪري شيطان پنهنجو پورو زور مون تي لڳائي رهيو هجي، ڪٿي ڪجهه ڏينهن جي بُري صحبت جي نُحُوست جي ذريعي هو منهنجي پوري زندگيءَ جي ڪمائيءَ تي پاڻي نه ڦيري ڇڏي. بي نمازين ۽ فاسقن جي صحبتن ۾

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

ويھڻ وارؤ! خبردار! قرآن پاڪ جي ستين سيپاري جي سورة الانعام جي آيت نمبر 68 ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۶۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪڏهن ڪٿي شيطان توکي وسارائي تہ ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نہ ويھہ.

## ڏاڙهي رُڳو مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسند جي رکو

**اي مدني محبوب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جا چاهڻ وارؤ!** ضد ڇڏيو! پنهنجي جوانيءَ تي ناز نہ ڪريو! دنياوي مجبورين جي حيلو نہ ٺاهيو! اچو! اچو! رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم سان چنبڙي وڃو! **سنڌن پروردگار رب غفار** عَزَّوَجَلَّ کان بہ مغفرت جي خيرات گهرو، ۽ انهن کان بہ معافي گهري وٺو! اها بارگاھ ڪرم واري بارگاھ آهي. اتان ڪان ڪوبہ سوالي مايوس ناهي ويندو. **سنت** جي خيرات وٺي ڇڏيو. پنهنجي چهري تان دشمنِ خدا ۽ مصطفٰي جي نُحُوست کي هميشہ هميشہ جي لاءِ ڌوئي ڇڏيو ۽ پياري پياري **سنت** چهري تي سجايو. ۽ ها! خيال رکجو! شيطان وڏو مڪّار ۽ فريبي آهي، جو توهان انگريزن ۽ يهودين کان تہ جِند ڇڏائي ۽ ڏاڙهي سجائي ورتي، پر شيطان ٻين طريقن سان وري گهيري وٺي ۽ توهان کي ڪٿي فراسيسين جي قدمن ۾ نہ اڇلائي ڇڏي. مطلب اهو تہ

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي-** (عبدالرزاق)

**ڪٽي"فرينچ ڪٽ" يعني خشخشي ڏاڙهي نہ رکجو جو ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ ڪترائي هڪ مٺ تان گهٽ ڪري ڇڏڻ ٻئي حرام آهن. ڏاڙهي رکو ۽ ضرور رکو. پر مٺي مصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي پسند جي رکو يعني هڪ مٺ پوري رکو.**

## ڏاڙهي ننڍي ڪري ڇڏڻ ڪنهن جي ويجهو بہ حلال ناهي

**منهنجا آقا اعليٰ** حضرت **امام احمد رضا خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فتاوىٰ رضويہ جلد 22 صفحو نمبر 652 تي "**دِرِ مختار**"، "فتح القدير"، "البحرالرّائق"وغيره فقه جي معتبر ڪتابن جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا تہ "جيستائين ڏاڙهي هڪ مٺ کان گهٽ آهي ان مان ڪجهہ وٺڻ (يعني ننڍي ڪرڻ) جهڙيءَ طرح جو ڪجهہ يورپي مُخَنَّث ڪندا آهن اهو ڪنهن جي بہ ويجهو حلال ناهي، ۽ سڄي وٺي ڇڏڻ (يعني بلڪل ئي ڪوڙائي ڇڏڻ) باهہ جي پوڄارين، يهودين، هندن ۽ ڪجهہ فرنگين (يعني انگريزن) جو فعل آهي." (غنية ذوي الاحكام الجز الاول ص 208 باب المدينه ڪراچي،البحر الرائق ج2 ص 490 ڪوئٹه،فتح القدير ج 2ص270 ڪوئٹه)

## ڏاڙهيون ڪترائڻ وارا بدنصيب

**ڏاڙهيءَ** کي ننڍي ڪرائي ڇڏڻ وارا بلڪ صاف ڪرائي ڇڏڻ وارا ماڻهو **فقهاءِ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي ذڪر ڪيل ارشاد مان عبرت حاصل ڪن. بلڪ عبرت مٿان عبرت تہ اها آهي، جيئن جو منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نه پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو- (ابن سني)**

البَرَڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا، الحاج الحافظ القاري الشاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن رسالو، ”**لَمْعَةُ الضُّحیٰ**“ ۾ حضرتِ سيّدُنا ڪَعْب الاحبار رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وغيره جو قول نقل ڪيو آهي: ”آخري زماني ۾ ڪجهه ماڻهو هوندا جيڪي ڏاڙهيون ڪتريندا، اهي بلڪل بدنصيب آهن. يعني انهن جي لاءِ دين ۾ حصو ناهي، آخرت ۾ (بہ) حصو ناهي.“ (فتاویٰ رضويہ ج22 ص 651)

ڏنو توهان! جڻ ڏاڙهيءَ کي ڪترائي هڪ مٺ کان گهٽ ڪرائي ڇڏڻ وارا دين و دنيا ۽ آخرت ۾ بدنصيب آهن.

سرکار کا عاشق بھی کیا داڑھی مُنڈاتا ہے!
کیوں عشق کا چہرے سے اظہار نہیں ہوتا

## مدني التجائون

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ علیٰ اِحْسَانِہٖ! جن کي توفيق ملي انهن تہ پنهنجو چهرو دشمنانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نُحُوست کان پاڪ ڪري **سنت** سينگاري ورتي. هاڻي انهن کي گهرجي جيئن تہ اڄ تائين **ڏاڙهي** ڪوڙائيندا رهيا آهن تنهن ڪري ان (ڪيل عمل) کان **توبهہ** بہ ڪري وٺن ۽ ان سان گڏوگڏ اها بہ ڪوشش ڪن تہ پنهنجي مٿي جا وار انگريزي طرز جا نہ رکن، بلڪ **سنت** جي مطابق **زلف** وڌائين. مٿي تي هر وقت **عمامي شريف**

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

جو تاج سينگاريو جو هميشہ اسان جا منا منا آقا مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مٿي مبارڪ تي ٽوپي شريف جي مٿان عمامو شريف (يعني پٽڪو) سينگاريندا رهيا. عمامو شريف سنّتِ لازمہ دائمہ متواتره آهي. **مديني جا تاجدار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمائن ٿا: ”**عمامو ٻڌو توهان جو حلم وڌندو.**“ (يعني بردباريءَ جي قوت ۾ اضافو ٿيندو)

(المستدرڪ للاحاڪم ج5 ص 272 حديث 7488 دار المعرفة بيروت)

هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد فرمايائون: رَكْعَتَانِ بِعِمَامَةٍ خَيْرٌ مِّنْ سَبْعِيْنَ رَكْعَةً بِلَا عِمَامَةٍ ”**يعني عمامي سان ٻہ رڪعتون نماز بغير عمامي جي ستر رڪعتن کان افضل آهن.**“ (الجامع الصغير، للسيوطي ص 273 حديث 4468 دارالكتب العلمية بيروت) پڻ **لباس بہ اڇو** ۽ هر قسم جي فينسي ڪٽ ستِ کان پاڪ ۽ بلڪل سادو(يعني بغير ڊزائن جي) پايو ۽ انگريزي لباس کان بچندا رهو. روزانو **پنج ئي نمازون** تڪبيرِ اوليٰ سان باجماعت ادا ڪريو. هرويرو کل مذاق ۽ فالتو ڳالهہ ٻولهہ جي عادت ڇڏي ڏيو. اِن شآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ **باوقار مسلمان** بڻجي معاشري ۾ اڀرندؤ. جتي بہ ”**دعوتِ اسلامي**“ جا سنّتن ڀريا **اجتماعات**[1] منعقد ٿين، ضرور شرڪت فرمايو. زندگيءَ کي باعمل بڻائڻ جي لاءِ روزانو فڪرِ مدينہ ڪندي مدني انعامات جو ڪارڊ

[1] باب المدينہ ڪراچيءَ ۾ فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ۾ هر جمعرات جو سانجهيءَ جي نماز کان پوءِ اجتماع ٿيندو آهي.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.** (جامع صغير)

پريو ۾ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي دعوتِ اسلامي جي ذميدار وٽ جمع ڪرايو. تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جا **مدني قافلا** هڪ شهر کان ٻئي شهر ۾ هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ سفر ڪندا رهندا آهن. انهن سان گڏ سنّتن جي تربيت جي لاءِ **ضرور ضرور ضرور** سفر اختيار ڪريو ۽ پنهنجي **آخرت** بهتر بڻايو.

**يا ربّ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان کي فرضن سان گڏوگڏ **ڏاڙهي مبارڪ، زلف،** ۽ **عمامي شريف** وغيره سنّتون استقامت سان اپنائڻ جي سعادت بخش ۽ اسان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبة المدينه جي شايع ڪيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفلٽ تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪ کي به ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار فروشن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي محلي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سنّتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفلٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

